- ایم کمال -

K-2 (37)

لڪل اوجاڳا

(غزل، ڊائريءَ جا ورق، نئين ڪويتا)

000044

ايم. ڪمل

وينا پبليڪيشن

701، راجيو اپارٽمينٽ، الهاسنگر - 421 001

پيش لفظ:

ايم. ڪمل جو هيءُ پهريون شعري مجموعو آهي. سندس هر شعري - رچنا، زندگيءَ سان وابسته رهي آهي. ماحول، روز مره جون بدلجندڙ سماجي، سياسي حالتون، گهٽنائون، جي انسان جي طرز - حيات تي اثر ڪن ٿيون، انسان جي آچار ۽ وهنوار ۾ تبديل آڻين ٿيون، رشتن کي موڙ ڏين ٿيون - اهي تمام نڪتن جو عڪس ايم. ڪمل جي شعري - اظهار ۾ شامل آهي. اعليٰ غزل جون فني تقاضائون، ايم. ڪمل جي غزل ۾ نمايان آهن. هن شاعريءَ جون لڳ ڀڳ سڀ صنعتون - جهڙوڪ، تشبيهه، علامت، استعارو، تمثيل، ڪنايو، محاوري جو ٺهڪندڙ ڍنگ سان پريوگ، شعر ۾ صحيح ربط، لفظي مناسبت وغيره پنهنجي ڪلام ۾ اٿواهيءَ سان استعمال ڪيو آهي. سندس طرز بيان جي نرالپ، اڳ ٻڌل-پڙهيل ڳالهه کي به لاجواب بڻائي ڇڏيو آهي. سندس ڪير ڪو شعر هوندو، جو معنيٰ کان خارج ۽ مٿاچرو نظر ايندو.

ڪي اَديب دوست، ايم. ڪمل کي ”نراشاوادي“ صفت سان نوازيندا آهن، هو اهو وساري ويهندا آهن ته جيترو ڪو زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ کان ڏسندو ۽ سوچيندو ته ڪيس حيات جي هر روشن گوشيءَ ۾ اوندهه نظر ايندي. ان ڪري شاعر کي غم - پرست نه پر حقيقت پرست سڏڻ ئي درست ٿيندو. هو جيڪي ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو ۽ انهي ئي لفظن ۾ عڪاسي ڪري ٿو. ايم. ڪمل جي ڪلام کي غور سان پڙهندڙ کي اهو احساس ٿئي ٿو ته شاعر پنهنجي جذبات، سوچ، فڪر جي اظهار ۾، خود سان ايماندار آهي - پوءِ اهو ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي.

ايم. ڪمل جي ڪلام جي اِي خاص خوبي آهي سندس

TITLE : Likal Ojaga
(Collection of Poetry)

AUTHOR : M. Kamal

YEAR : 1998

PRICE : Rs. 50/- Only

COVER DESIGN : Ram Lalchandani

PUBLISHER : Jadgish Lachhani
Veena Publiction
701, Rajiv Apt. Goal Maidan,
Ulhasnagar-421 001.
Tel. : 540103 - 558396

PRINTER : DEEP PRINTERS
6, Amma Sagar Apt,
Opp. Baba Dholuram Darbar,
ULHASNAGAR-421 001.

Ph. : 56 29 43

عنوان : لڪل اوجاڳا
(شاعري)
رچناڪار : ايم. ڪمل
سال : ١٩٩٨
قيمت : ٥٠ رپيا
ڇپائيندڙ : ويڻا پبليڪيشن
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ،
گول ميدان، الهاسنگر - ٤٢١٠٠١
ڇپيندڙ : ديپ پرنٽرس، ٦، امان ساگر اپارٽمينٽ،
بابا ڍولورام دربار جي سامهون،
الهاسنگر - ٤٢١٠٠١. فون: ٥٦٢٩٤٣

ارپـــــڻ

پنهنجي ويجهي دوست سخن شناس، سخنفهم، سخنور سرڳواسي شري ايشور آنچل کي.

منهنجي اسهڻ جي ويل نه، مايوس ٿيو آهين
ڪجهه ڏينهن ترسي، نيٺ تون مهمان گهر وڃي.

ايشور آنچل
(2-10-27 - 5-7-1998)

ايم. ڪمل
سيپٽمبر ٩٨

شعر ۾ ناٽڪي عنصرن (Dramatic Elements) جو پيش ڪيل خيال-احساس ۾، پوري جاءِ ۽ صحيح رنگ سان ڪم آڻڻ. ان جي بدولت، پڙهندڙن جا لڱ ڀڱ، سڀ حواس جنبش ۾ اچن ٿا، سجاڳ ٿين ٿا، جيئن ناٽڪ ڏسڻ سان ٿيندو آهي. ان ڪري ايم. ڪمل جي ڪلام جو دل ۽ دماغ تي ديرپا ٿائين اثر رهي ٿو. شعر ۽ شاعريءَ سان لڳاءُ رکندڙ، ۽ ۽ ذهين پاٺڪ کي، ان ڪري سندس شاعريءَ مان گهڻو جس حاصل ٿئي ٿو. اَلائي ڇو نقادن، اُن جو نوٽ نہ ورتو آهي.

ايم. ڪمل ڪنهن خاص عقيدي جو قائل ڪونهي ۽ نہ ڪنهن خاص طرح جي زندگي جيئڻ جو حامي. ها، اهو ضرور آهي تہ سندس وڏي عمر ۽ ٻين ڪيترن ڪارڻن، کيس گوشنشين ۽ نازڪ مزاج ڪري رکيو آهي. هيءَ سدا نوَن شعري تجربن تي غور ڪندو رهي ٿو. نئين ۽ اور طرح سان گهرو سوچي سمجهي، پنهنجن جذبن ۽ اُمنگن کي، شعري هڳاءَ سان پيش ڪري ٿو.

هن مجموعي ۾ ايم. ڪمل جي پهرين شعري مجموعن، گرنٿ ارف، سوچ جا پاڇا ۽ ٻنهي پاسي پاڻيون جون ڪي چونڊ رچنائون بہ شامل ڪيون ويون آهن.

مونکي پوري اُميد آهي تہ ايم. ڪمل جا "لڪل اوجاڳا" شاعريءَ جي شائقن کان لڪل نہ رهندا. ڀر پاس ۾ "شد" ۽ "جزم" نہ هڻڻ ڪري لفظن تي نہ ڏيئي سگهيا آهيون. مگر وزن ۾ شاعر اُن جو خيال اوس رکيو آهي.

جگديش لڇاڻي

ڊسمبر ١٩٩٨

غزل

۱

لوڪ رنگن جي جٽي ساڻ ملي رهندا رهيا
۽ مان سرهاڻ ڪي ويڙهي ٿي ڪمل وٽو رهيس

مون تي ابلطف لڪڻ جي نه ڏنو ڪا تهمت
مون ڪي جڏن وقت چيو ٽڻن ٿي ته مان لڪندو رهيس

غرض پنهنجيءَ نه ڏنو ڪائي ڪي ٻي ڪائو سڏڻ
سڀني سنهيءَ سان چمن ڪي سڀي سڀ ڏسندو رهيس

راحتن مون ڪي حقارت سان ڏٺو، اڻن ناهي
پر ها، رنجن ۽ غمن ڪي مان گهڻو پيارو رهيس

دل جي لاچاريءَ جي صحرا جي لپٽ زور اٿي
ڏسي نفرت سان ڪڪر پاڻ تي ٿي وسندو رهيس

ياد جي سيج وري زنده ڪيا ڪلهه جا پاچا
ڪوسي چاڙهن ۾ جگر جان جهلي جلندو رهيس

ليکڪ جا ٻيا ڇپيل پستڪ

(١) ننڊ ۽ جاڳ - آزاد نظم	١٩٦٥
(٢) جهرڪيل جيءَ - غزل	١٩٧١
(٣) ڳرندڙ ارف جا نقش - نثري ڪويتا	١٩٧٥
(٤) ميونسپل ڪائونسلر - ايڪانڪيون	١٩٧٩
(٥) ناٽڪ (تجرباتي ايڪانڪيون)	١٩٨٠
(٦) روشن راهون - غزل	١٩٨١
(٧) پندراهن غزل - غزل	١٩٨٢
(٨) ماڻهس ڪٿي آهي (ايڪانڪيون)	١٩٨٥
(٩) ٻاهر جا وارث - غزل	١٩٨٦
(١٠) ڪونو سڪو (ايڪانڪيون)	١٩٨٧
(١١) مهرانجهڙو ٽڪ (غزل ۽ نظم)	١٩٨٨
(١٢) سوچ جا ٻاڇا - نثري ڪويتا	١٩٨٩
(١٣) اُجاڙيل لهر - غزل	١٩٨٩
(١٤) خوشخبري (ايڪانڪيون)	١٩٩٠
(١٥) سهڻيل شام (شعري مجموعو)	١٩٩١
(١٦) فرد-مر ۽ مڙهيل شخص (ايڪانڪيون)	١٩٩١
(١٧) سوجهرو شام جو (غزل ۽ نظم)	١٩٩٢
(١٨) ٻيهي ٻاسي راهون (غزل ۽ نثري ڪويتا)	١٩٩٤
(١٩) من موڙي نٿو (غزل ۽ نثري ڪويتا)	١٩٩٥
(٢٠) آخري اُڏام (غزل ۽ نثري ڪويتا)	١٩٩٧
(٢١) آل انڊيا پوليس اسٽيشن (ايڪانڪيون)	١٩٩٧

ڪنهنجي رڳن جي خون ۾ ڌرتيءَ جي هئي اُس ۽ لڪ
ڏيهن لڳي جي خوف کان گهر مان نه ٻاهر آيو ڪو
ٻڌندي ٿي دل جي شهر جي سڏ لي نڪري پياسون اڄ
خاڪ نشين صورتن نور وڇايو ياد جو
اڄ جي هوا جي رنگ ۽ فڪر کي ٻر نوان ڏنا
نقش سپنن جي خواب جو ڏاڍو حسين ڪنڌر لڳو
مرڪ جي دل جو سبز پڪ، زرد مهانڊي تي ڏٺم
صبح جي روشنيءَ لئي هو رنگ اچا پيا رات جو
هير جهڪي ٿيون، مان ڏيو، ٻوءِ ڇو ٻري ٻاري رهيون،
نُور طلب فضا نه، ڏس، ٻوءِ هيءَ ملڻ کان عار ڇو؟
دل جا ڪئي گمان شڪ اُڀڙون ڪندا رهيا اُميد
اُڪجي ٻاس سڀي، چولو کهل ٻاڦن جو

٣

ساڳيو رهيو نـــا ڪڏهن ٻي رنگ سمي جو
لطف نـــه ڏيندڙ فضا جو غم ٿو ڪرڻ ڇو

سوچ جي نادان پيو ٿـو مشق پڇائي
واءُ ڪي قيرت جو هيءُ رکي ٿـو ارادو

هر ڪو ٿي آ پنهنجي پنهنجي ٻاهه ۾ زنده
ڪوسيءَ هوا جو ڪرڻ ٿـو ڪهڙو لون واڪو

لنگهندي گهٽيءَ مان لڳوٿي پاٿي وچين ها
ڪوڙو ٿي ڏيندو وچين ها دل کي دلاسو

ندب کي ڪٺسالي جاڳه جي وڻي اس آ
اون جي پاٿي سوڙ ڪنهجهي ٿو ڪو سهندو

درد جي اڄ ٿي سٺائي زخم مڙيل کي
قرب ڪهڙان زندگيءَ نه رکڻان هي پياسو

سارشي سب رنگه انگه دوکا ٿي دوکا
شهر سڄو اشعهار ڏيان نـه ڏي ڪو

آب لکيل آ اکين جي ٻـانـد ۾ جنجي
ٿن جو **ڪهل** من سدائين پياسو ٿي رهندو

۵

لاٻ ۾ هاريءَ لئي سوچيائين،
خاموشيءَ سان جيءُ جوڙيائين.

ٻادن جي مٽ کي کوليائين،
گھڻو رنائين، ڏورو ڪليائين.

ٻوءِ ٻارهين جي ڳالهه ڪيائين،
جڳ جي ڪل ڪل لئي مرڪيائين.

پنهنجيءَ ئي ڌن ۾ هلندو ويو،
ٻهڻو ڪٽي ٻٽي ڪان ئي پڇيائين.

ٻارن وڏڙهي للڪارس جو،
مرڪي مرڪي آڳ مچيائين.

دڳ ۾ هئا نانگ جا ليڪا،
ڦوڪي ڦوڪي، قدم کنيائين.

خود ئي ڦاڙي خط کي، خود ئي،
ان جا پرزا پٽي مروڙيائين.

آپ جا گل مرجهايا، پوءِ ٻي،
آس - سلو ساڱو رکيائين.

سور هئو مستانو، ليڪن،
جهنگل ۾ ئي رقص ڪيائين.

۴

غضب گجگوڙ ٻڌيءَ جو ڌماڪو ٿيو آ
اِها باقي خبر نا مينهن ڪهڙي هنڌ پيو آ

ٻنا ٻپ جي سڪائيندو رهيو سڀ ڪي سوڻ ڪوڙ
فقط هڪ سڄي سالي هاڻي هو گهبرائڻ لڳو آ

گهٽيءَ جي ميڙ جي سڌائي جي ٻڙ ٻڙ جي ٻڪ ٻوڙ
لڳي ٿو اڄ پيي ڪنهن گهر ڪي وري ڏاڙو لڳو آ

پڙهون اَخبار ۾ ٿا جي سي آهن هلڪا جهٽڪا
پري آهي اچا جو حادثن جو حادثو آ

سندس ناداني‌ءَ کي ڏيون داد، يا همت کي، جو هن
ٻنا منٽر سڪڻ جي نانگ - ٻير ۾ هٿ وڌو آ

فقط سنجيده شخص آهن سندس صحبت جا مشتاق
مگر هو ڪوڪلن کي ٻوڙ - ٻنگلي جيان لڳو آ

اداسائيءَ جي ساڻي ۾ خوشيءَ جا گيت آهن
اَنڌيرو اُن اُجالي ۾ ڪمل روشن ٿيو آ

٧

ڏي نہ تهمت ڪنهن ٻئي کي
ڏوهه ڏي پنهنجي ڪئي کي

شهر ۾ هئا اوچا سڀ لوڪ
مون تلاشيو ٻئي وڏي کي

اڄ نہ دل ڌڪي وڃي ٿي
ساري ڪلهہ جي ٿرٿلي کي

هل جي ڄر ٻاريو وري اڄ
منهنجي خوفن جي ڏاڍي کي

پنهنجيءَ ۾ ٿي پورو سيڪر
ڪن ڏئي ڪنهن کو ٻئي کي

٦

دغا جو ٻنگ ۽ قاتل جو رنگ ڏسندا رهو
چڙهي حيات تي ٿو ڪيئن زنگ ڏسندا رهو

سمنڊ وقت جو اُٿري وري ٿو ٻوڙي ڪپر
ٿو کهڙا سانگ ڪري هيءُ ملنگ، ڏسندا رهو

هزار حيلا هلايو مگر سوچ فڪر جو سايو
حيات جو نه ڇڏيندو سنگ، ڏسندا رهو

اُگهاڙا انگ جو پنهنجا ڍڪي سگهي ٿو ڪين
اهو ٿو ڪيئن رکي ٻئي جو ننگ، ڏسندا رهو

اڃي ٿو ٻڪندو اهو هل هلان جو ڏؤر ڪمل
نصيب ٿيندو نه پنهنجو پِي سنگ ڏسندا رهو

٩

وڃي وقت جان نہ لاهہ دل تان
مان تنهنجو آئيندو آهيان

ڪئي خراشيون ڪرنديون آهن
ٿولي جڏهن سوچيندو آهيان

سڏ لي منهن ڦيرائين ، پوءِ ٻئي مان
لوڪي دوست سڏيندو آهيان

ڇيڙو ڪونهي جنهن رستي جو
سوچ کي اُتي نيندو آهيان

پاسي ڪري عڪس کي پنهنجي
آرسيءَ لي سوچيندو آهيان

دل جي دل وکڙ لئہ رشتن جا
فاصلا سميٽيندو آهيان

سوڻي مٽ ۾ ساه ڪندو ٿم
جنهن لي ساه ڇڏيندو آهيان

جوڳيءَ وارو ڦيرو جڳ ۾
ويندو آهيان ، ايندو آهيان

٨

نه ائين تون نه چا ڪندس
لوڪي الندي دعا ڪندس

اچا ٿم سچ چوڻ جي هير
اچا دشمن گهٽا ڪندس

سڪا ڪوٺا هلن ٿا اڄ
مان ٻي ٻورا سچا ڪندس

ٻانڌ آ سر گناه جو
مان ٻولي ڪي خطا ڪندس

نه ٻيو ٻهڪو قسم ڏٿي
اڪيلي زخم چا ڪندس

وري ويسهه ڪري لولي
وري دل سان دغا ڪندس

اچائل روح جو ضد آ
سنڌء در لي، صدا ڪندس

١١

دل جي نہ ڇلهہ ڪڏهن ڪو نٿي آ وٿي اُجهامي
يادن جي ديگ ليڪن اَج ٻي ڪڙهي پئي ٿي

آهون ٽڏيون ڀريندي ڇپ ڇپ ڀره ڦٽي هير
شبنم جي ڦنڪڙن جي لڪٽي ڀڙهي پئي ٿي

ڪاريءَ گهٽا ڪي ڏس ڪنهن ٻرهت سان ڍاڪي پائي
لڙڪن ڀڳل زبان ۾ دکڙا ڳڙهي پئي لئي

معصوم خواهش جي وت سوري دل ڪندي چا
اونده جمار جي هر دم سان چڙهي پئي ٿي

نت نت نئين اَدا سان تاريخ موڙ کائي
هر لفظ ٿي نئين ڪا معني مڙهي پئي ٿي

١٠

ٽي هڪ طرف، ٻيا هن طرف ٻيا هن طرف
ٽون مر ٻيا جيءُ، ٻر مري مري نه جيءُ
حيات جهڙو اوُر ڪوئي نشو نا
* ٽون هر پياله ڪي شراب طرح پيءُ

ڪوئي بغير گهاوَ غم جي نـاهي اَج
نه پنهنجي دل جي حال تي اُداس ٿي

سڀن جي همت ۾ ڪنهنجو نه ايندو همت
مگر ها، گونجندو ڪن ۾ "جيءُ جيءُ"

پراٽي هيٺر خون ۾ ڪندي گهر آ،
لڳي نه اَج ٽو سيني ڪي شريف هيءُ

* زندگي ڪي ٻرابر ڪوئي نشا نهين هئي-ميٺر ٿئي ميٺر - اردو شاعر

۱۳

ننڊ جي نشي سان وڙهي ٿو
پنهنجي خوابن کان هو ڊڄي ٿو

پيا ۽ ڇڏ پنهنجيءَ دل سان پڇي ڪين
هو اڳـي جان رانـي ملي ٿو

اَڄ تہ هر تارو شعر آ جهل
آسمان نظم جان لڳي ٿو

دانهن ڇا جي دکن جي ۽ سب ڪي
پنهنجو پنهنجو حصو مِلي ٿو

اٿن ٿو آئيني ۾ تڪي پاڻ
خود کي جهل اوپرو لڳي ٿو

صاف ڏسجي ٿي اک مان هنجي
پيڙا جا ٿهڪ جي سهي ٿو

ڏاڍو سستو وڪامي ٿو هاڻ
اي دلي ڪوڻ ٿي اهہ اچي ٿو

ڪي تہ شعلا ٿو ساندي دل ۾
چپ پڪوڙي سدا رهي ٿو

دک ۽ اٿس ناتگ جي ٻهڙ جو
لت پڳس، اُن تي غم ڪري ٿو

١٢

دٻـد ۽ دل تي ڇهندو وڃي ٿو دوريءَ جي ڌنـڌ جو چارو
آهه مسافر، منهن ڏيکاري، يـاد ڏيـاري وُڃ چهرو

لاٽ ڏئـي جي سرد ٿـي وئي، ٻاره ڦٽيءَ جي هير لڳي
مايوس ٿيها دل ٿـي اَڄ ٻڍي، رهندو اُداسيءَ جو پهرو

تون نه خطاوار ۽ نه مان ڏوهي، وقت هلي ويو پنهنجي چال
توکان منهنجو نـاتو وسريـو، ۽ مون کان تنهنجو چهرو

ناڻي مالو ڏيٺ هٿي جن سان، اهي ٿي ڏکندا رڙ تي آيا
سي نه اُچانڪ ٻـوڙا ٿي ويا، جن سان هو رشتو گهرو

هرڪو ٿي ڪيڪاريندي ٿـي، ديـپ پريتا جا ٻـاريندءِ
ڏينديـن گهٽيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن کي، ڪٿي اُجهامل هي چهرو

جي تنهنجي دل کي لـرزائي، سوچ ۾ ٿئين جان وڃهن
لـسن شعرن جي عظمت تي آ، روح جي گهاون جو سهرو

١٥

ڪنهن اهڙيءَ گهڙيءَ مان ٿي گذر منهنجو ٿيو آ
هر شخص مون کي پنهنجوئي معشوق لڳو آ

سوچڻ جي پيو شور ۾ مَن پاسا ورائي
ڪا ڪن نه سمهي ڪين، ٿي جڳ شهر پيو آ

ڳڙ ڪائي وڃي ڪيس گهٽيءَ جو نه اونڌيرو
اُن دِپ ۾، سندس گهر جو، سدا جلندو ڏيو آ

چانڊوڻ نه لڳن ڏاڍو پيون هن جي مدد لئه
جڪڙيو هو اڃا اُس جي ٻانهن ۾ پيو آ

سر تال ۾ ڳائي ٿي نه چانڊوڪ غزل اَڄ
۽ چنڊ به سڌ ناهي ڇو ايمڪ ٿي پيو آ

اِن لاڏ سان اڄ هن سڏي آ پر ۾ وهاريو
هن پيار ۽ سڪ ۾ نه ڪمل اُلجهي ويو آ

ٻُا

ملندا خوابن ۾ ئي رهياسين سدا
فاصلن ڳان ٻي بات ٿيندي رهي

وقت ويو حالتون تراشيندو
سنگ بت جان حيات ٿيندي رهي

جاڳي جاڳي اميد روئي سُتي
نت نئين سج سان رات ٿيندي رهي

روشنيءَ جي نه سار ڪنهن کي رهي
سدا اونده جي ڳالهه ٿيندي رهي

”ڪان-ڪان“ سيني جا ڪن خريد ڪيا
سڏ ڪندي مات لات ٿيندي رهي

نه کڻيو ڪنهن به راهه تي ڪو قدم
مشڪلاتن جي بات ٿيندي رهي

وقت هر داءُ کٽندو ئي ٿي ويو
پنهنجي هر بازي مات ٿيندي رهي

ڪنهن لڏو ڪين ڪجهه وهٽ سان ڪمل
ذات تي حاوي ذات ٿيندي رهي

١٧

ڪڏهن ياد تنهنجيءَ نہ ڪا چوٽ اُڀاري
ڪٿي مرڪ ليڪن سدا رازداري

نہ اَکرن ۾ اُتري سگهي لوڇ دل جي
سچو ڏينهن ڏاڍي رهي بيقراري

اکين سان ڏٺم ڪيل قاتل جو ليڪن
گواهي ڏيڻ جي مون همت نہ ساري

اُگهاڙو ڪري ڪول هن جي نہ ڪارڻ
رهي ٿو، رهڻ ڏينس اِئن نور-ڏاري

اُداسيءَ ۾ تون ايڏو ويڙهيل هئينءَ ڇا ؟
ڦڪي چنڊ جي مرڪ هئي رات ساري

ڪڏهن گم ٿيل ”مان“ کي ڳولهي نہ لهندس
ڪم آ اوکو ليڪن تلاش آهي جاري

رهيو همدميءَ جو نہ ڪنهن سا ڪو رشتو
ڪمل پنهنجيءَ دل ٿي ڪئي غمگساري

١٦

نه آءُ اندر، نه ڪڇ ڪاٺي، نه ڪڇ ۾ وڄ
ٻـون ٻيٺي ٻيٺي ٿي بس، ٻاهران ٿي وڄ

ڇني هڻي ڇـا، جـا ٻيـٺي روشنائي لـو؟
انـڌ ٻـري ڪي اـہ منهن ڪوڙو ڪري ٿي وڄ

سڄن تـا زنـدگيءَ جي بـاغ جا گـل ڦـل
هٽي ڇڏن آيـو آهين لـون، نـہ لڏن ٿي وڄ

مرڪ جي هڪ ٿـي ملڪ لطف ڄمڪ جـو
ڪهل ڪنهنجيءَ محبت ۾ مـري جي وڄ

١٩

سمونڊ جي ڪتاب جا ڪئي پنا ورائي ٿي
لهر لهر ڪناري کي سبق نوان پڙهائي ٿي

اڃا به داغ دل کي روشنيءَ جي لوڙ آ
طرح طرح جي گهاوَ جا ڏيا اڃا جلائي ٿي

سڌو جواب ڏئي نه ٿي هوءَ منهنجي ڪنهن سوال جو
ٻرولين جي رنگ ڍنگ سان اُتر ورائي ٿي

سيان جي ٻاهه جو گمان حال جي تپت جو سُور
تمام راڳ زندگي سفر ۾ پنهنجي ڳائي ٿي

چڪن ٿا دل حسين اشتهار جا ٻلند ٻول
مگر هوا ڪڇ اوڙ ڏيهي سر ۾ ٿي سٽائي ٿي

ڪنڌهر جي گهريءَ شانت اڄ اچي وسايو ذهن آ
هن آتما جي گهيري ۾، ڪا مانت راڳ ڳائي ٿي

١٨

جئن چاهيوسين تئن نه ٿيو
ائين ٿي مڙو جهڙو پيو

دل جي ضد کان هارائي
ٻيهر تو در اچڻو پيو

ڪن لاءِ شايد ساڳيو هجين
مون لئه ته اڄ تون آهين ٻيو

ليڙون چولو سبندو ڏسي
کلندو ويو هر آيو ويو

سمهي ٿڪو جاڳي به ٿڪو
شهر طرح هيءُ من ٿي پيو

لون هن پر ٻئي هن پر پئي
وهم جو دريا وچ ۾ ٿيو

٢١

وس کان ٻاهر خواب ڏنائين
خالي کيسي پاءُ کيائين

لغام کي ٻي جهلڻ نه آيس
شوط کڍڻ جي هام هڻيائين

اَڻ - ايڏين ٽي ڏيان ڏريائين
خود کان پڇڻ جي راه لڏائين

اَندر ليڪو جو ٻالائين
ٻاڻ کي ڪين جهڙو ڏنائين

دهلائيندڙ ڇوليون هيٺون
ڪپ تي ايٺي ڇا لئي ڪيائين؟

شور و غل جي غرق شهر ۾
سڻائي جي ڇيخ ٻڌائين!

چانڊاڻ - پگل لهرن کان ٿي
سڌ نه آ ڏس ڪنهنجو ٿي پڇيائين

ٻڌو هڏوسين ناسڪ آ هوءَ
أپ کي ٽڪي پوء ڇا ٿي گهريائين؟

٢٠

ڪتابن جي غفا ۾ آ اَچا ماٺهو
جتي اَڄ پيئي ٽو اونده جي اجالي ۾

نہ گل بلبل نہ پروانو ٿِي بي - معنيٰ
ڏسين جي زندگيءَ جي لئون حوالي ۾

اهو ٿي هوش ۾ هو جڏهن هتي گهوٽي
پيا سپ لڙڪڙيا پٽي شوالي ۾

جهمر کهڙيءَ خوشيءَ ۾ هتي نہ سوچيو ڪڏهن
ٿي شامل بس ويا سپ هوجمالي ۾

ڇهي پنهنجن لبن سان ڇا ڏنڻ مون ڪي
نہ ميءَ هتي پر ڪا آتش هتي پيالي ۾

٢٣

آڳاري نـه سنڌ راس آئي
منهنجون اُڃون مون کي موٽائي ڏي

خوش لهر کي، ڪٿي ٻوڙيءَ ري سمنڊ
پياسي جيوت کي سا لهرائي ڏي

تنهنجو آنت پيو چو اُلجهائي ويو
مونجهه هيءَ من جي ته سلجهائي ڏي

منهنجي خوابن کي ته رنگين ڪيءَ
منهنجي راتين کي ٻه مهڪائي ڏي

سج چڙهي پيو تو ٻدا راس مون لءِ
منهنجيءَ پرڀات کي پرچائي ڏي

منهنجي شعرن جو ڪٿي ٻوڙيءَ ناءُ
هوش! ديوانگي موٽائي ڏي

چپ جو ٻُوست تو ڪيدي ساه **ڪمل!**
درڪو ٻولن ڪان نه کولائي ڏي

٢٢

ٻاٽ سان گفتگو ۾ گم آهيان
ڏنڏ ٻريءَ آرزو ۾ گم آهيان

غرق رنگن جي ڪوچ ۾ تون ۽ مان
سُوجي ٽي جستجو ۾ گم آهيان

پنهجي چولي جون نہ آيون ليڙون نظر
ٻئي جي ٻڪ جي رفو ۾ گم آهيان

هوندو شر شور شهر ۾، پر اَڄ
دل جي مان هاءِ هوءِ ۾ گم آهيان

جي ٻهارون اسان گذاريون گڏ
تن جي يادن جي ٻُو ۾ گم آهيان

٣٥

گلزار سنڌ سان ٿي ويرانو ڦري ويا ڇا؟
عنوان کي ڦيرڻ سان افسانو ڦري ويو ڇا؟

پورن ۽ پچارن جو، درياهه سمنڊ دل آ
گفتار سان دانا جي، ديوانو ڦري ويو ڇا؟

جي وقت اٿيو وهري ڇو يار مٽيو رخ رنگ
هڪ جهٽڪي سان سالن جو يارانو ڦري ويو ڇا؟

جنهن پل ۾ پيهن پاسي ڪڍهن ڪين نگهه ڦيري
سو مرڪي ملڻ سان اڄ بيگانو ڦري ويو ڇا؟

۲۴

اَلائي ڇا تـــو اندر ۾ جلي ٻيو
اکين مان ڪيچ سڙڻ جي ٻـوُ اچي ٿي

نڱين ۽ رهه آ نـڱون ٻهراڻ ٻاٽـــو
ڏسون ڪهڙا ڪلائي گل سڄي ٿي

وڻن جي لوڏ مان سمجھين نہ ٿو ڇا؟
هوا ڪهڙي طرف اڄ جي، لڳي ٿي

صدين جي ٻـرف سوچن ٿي جميل آ
رجائڻ لڇہ سڄن جي ڄر ڪپي ٿي

نـــہ ڪوئيو ٻـاھ دفنايل ڪي ٻيهر
ٿيمت ڪان جنهنجي اڄ ٻڀي ٻون دکي ٿي

مـــون سمجهو طڱہ سفر ٿيو، ماڳہ آٻـو
ڏسن ٿـا اٻـتدا هاڻي ٿڱي ٿي!

٢٧

بعضي گم سم رهي دل بعضي ڏکي آه ڀري
کهڙا ٿي سنڌءِ سار ۾ سڪ رنگ ڪري

ڪير ڪنهنجي سري ويجهو ٿيو اچي درد ڀڃي
اڄ نه هر شخص ٿي خود کان ڀي پيو آهي ڀري

آس جي نبض ٿي هر ساه سان جڻ ٻڏندي وڃي
زندگي اون ۾ گذري تو ٿي ويساه ڏري

تنهنجي قولن جي ٿي مهلات ڪري سر سر ٿي
صبر جي آس ۾ چپچاپ پيو جيءُ جري

وقت، اي-وقت اٿاري مون کي محفل مان ڇڏيو
زندگيءَ کي مون نه اڃا پيتو نه هو جيءُ ڀري

دل جتن ڏاڍا ڪيا دور رهڻ جا، ليڪن
ٻيهواري نه ٿي ڪڏهن ڀي **ڪهل** هن کان ڀري

٣٦

پنهنجي خوابن جون ٿو ڪوٽي قبرون
ڏاڍو مشغول رهي ٿو اڄ ڪلهه

ڇا مٽيل قت وري اڪليس جو ڪيس
گل ٻي ڪنڊي جان لڳي ٿو اڄ ڪلهه

ٿوري ٿوري ٿي اُيامي ويندڙ
حرف ٻيءِ ڪين ڪڇي ٿو اڄ ڪلهه!

قرض ڇانون جو هوُ لاهي نه سگهيو
اُس ۾ ويچارو جهڙي ٿو اڄ ڪلهه

مٽ ۾ ٻي ساهه ڪٽڻ جو ماهر
ڇو هوائن کان ڊڄي ٿو اڄ ڪلهه؟

ٻر ۾ پنهنجي ڪي سڃاڻڻ لئه، هوُ
شيشي جي گهر ۾ رهي ٿو اڄ ڪلهه

اڳي ٻي جاڳيو هو سٿل زخم، مگر
ٻيءَ طرح سان اُٿي ڪري ٿو اڄ ڪلهه

ڪا نئين چال هلي ٿو دشمن
دم رفاقت جو ڀري ٿو اڄ ڪلهه

٢٩

پنهنجو رشتو ڪهڙو ٻيو، جو لوڪ سڀ
تنهنجو مون ڪان، منهنجو توکان ڪان ٿا پڇن

سوچي سمجهي هن گهڙيءَ ڪي ڏانءُ ڏيو
ڪي معزز ٿا هتي قائل رهن

ڏاڍا دورانديش آهن شهري لوڪ
ڪنهنجي چپن تي ٻڌيو ٻوڙا پون

زندگيءَ جو سچ، جاڻي ماڻي ٿو
رونقون دنيا جون جهڪي رڄ لڳن

ايڏي آنڌي، اڄ **ڪمل** جذبات جي
لفظ همٿ ۾ ٿي نه ٿا منهنجي اچن

روح پيو رهنديو **ڪمل** جن، سي ٻ اڄ
چو الائي ٿا مون کي پنهنجا لڳن.

٢٨

ڇوري لڳي ويٺي آ منهنجي ساڄي هٿ جي هڪ ريکا
ڇور لٽيرو ڏاريو ڪونهي ڪو پنهنجن مان لڳي هڪ آ

ڪرندڙ تاري، چنڊ جي ڪن ۾، ڪهڙي آلائي ڦوڪ ڏني
ٻاڦولي ڇهري لڳي دک جي ڏوڙ اُچانڪ ڇائي آ

دل جي ويرانيءَ کان اڪ جي ڦڙا ٽانڊن ڏوڙ ۾ ڏوڙ
ٻڪندڙ ٻادل ڇانءَ ڪٽي ٻر، ٻوند وسائي ناهي ڪا

ڪاريءَ گهٽا جي، هر قطري جي، ٻاڳ ۾ آهي ڇمڪ ڪٽي
ڪنهن خوش قسمت ٻوند کي اُن سپ سيني اندر سانڍيو آ

٣١

اُجھاميو جسم آ ٻر دل ٺري ناهي
قلم لکجي ٿيو مس ختم ٿي ناهي

پڇڻ اڙ آ پڇڻ کي آ پڇاڻڻ اڙ
سخن جي آڪاري شبنمي ناهي

ڪو ڦولن جو، ڪو ٽارن جو، ٽمدائي
ٻدا خوابن جي ڪوئي آدمي ناهي

چنڊ ڦٽ جو ٽـ مٽجي ويو نشان ٻيي آ
ضدي ٻادن جي ٻر چپ چپ وئي ناهي

اکين ۾ نور ٽاهش خون ۾ آهي
مگر سواسن، جي وُٽ ۾ روشني ناهي

اکيون آليون، ڦٽل چپ، چهري ٽي ڏارون
گهٽا سپنن جي ٻون ٽي ڪا وُسي ناهي

جو همت ڏيئي ڪيي ٻهر، سڙن مان ڪو
دلاسن جي مگر ڪائي ڪمي ناهي

ٽـڙيل گل مان اچي آلش جي اڙ ٽوکي!
ڪمل ٽنهنجي مرض جي ڪا ڦڪي ناهي

منهنجي هستي نامڪمل بيت جان
هئي، بدنائڻ ۽ نه ڳائڻ جهڙو مان

حال اوري هن ته جيءُ هلڪو ڪبو
پنهنجيءَ هڙ ڪي ڪنهنجي سر ٿي مان رکان؟

بد نمائيءَ جو دونهون آ چوطرف
ڪٿن ڪٿي هن گهٽ ۽ ٻوسٽ کان اچان؟

ٿوءِ جي لمحن کان اهو پڇان سوال
ٿوڪي اَڄ پنهنجو تعارف ڇا ڏيان

شامل آهيون زندگيءَ جي جنگ ۾، پر
آشنا ڪوئي نه چاهي چاهيءَ کان

رنگ بوُ ڪي آزمائي مون ڏٺو
باقي مالهيءَ ڪي مان اُتلائي ڏسان

اَڄ ٿي هر هر، عرض تنهائي ڪري
دائريءَ ۾ اُن ٿي پيي مان ڪجه لکان

روح جي هر رهنب جو آ داستان،
هن قتيل جو قصو مان ڪهڙو ڪٽان

هٿ وَناءِ، مرڪي ڏسڻ پيو ٿو فقط
قوم جو بار آ، نه ڪجندو هڪڙي کان.

جگر ھڻان ويو ۽ دل، ڇڏيو پلئہ قرار جو
سنو اُنو نہ، وڃي ھيڏڙو عذاب انتظار جو

پٽين جي راھ ٽان ڦري اکيون لڳن نہ ٻيو ڪو دڳہ
دم آخرين ٽائين رهندو نٿو اعتبار جو

سياسي گهاؤ ڪٿ لہ، ڪٿ وڏيون خراشون وقت جون
ڪٿان ڪٿان ڪڍان مان داستان دل فگار جو

نہ روڪ آ، نہ ٽوڪ آ، ڪٿي ٻئي واڪو رڙ ڪريون
وسيع دائرو اسان جي آهي اختيار جو

نہ گل جي ٽي فسانئي ۾ مهڪ ۽ رنگ آهي دوست
نہ خالي لطف ڪان بہ آهي داستان خار جو

الائي ڪنهن طرف ويو جٿو، اھا نہ سڌ پئي
نظارو پر پري ڪان مون ڏٺو ڪمل غبار جو

سنئي ۽ خبر ڪئي منھنجو گهر لہ جڳ نظر نٿو اچي
شڪار ٿئي ويس ڪمل مان بہ نيمت نهار جو

٣٢

زندگيءَ جي اُلـــان تو ٻڙ مانءِ ٻار
ڀاها سڌ نہ آ کٽي ٻـــا هارائـي

ڏاڍي ڏکڻي طبيعت آ، لـــي ٻـٽي
دکيءَ رڳہ لـــي نہ کوئي همت لائي

واءُ دريـــا ۾ ساه ڦـوڪـي جـڏن
اُن طـرح درد دل ۾ لهرائـــي

لـڳي اسرار ٻـوش ٿـو هر شخص
هٿي کنهنجو نہ اَنت کو پائي

کنهنجي همراهي راس نہ آئي **ڪمل**
دڳـہ هلپس ڌار، جڳہ کان ڪترائـي

٣٥

هميشه مون کي نفرت سان ڏسڻ وارو
مون سان اَڄ مرڪي هيءُ مِلي ڇو ٿو؟!

هٿن سان پنهنجي ٺي پهراڻ کي ڦاڙي
اُداسائيءَ سان هر هر هوُ سڏي ڇو ٿو؟

وسي دل کولي يا رمندو، رهي ٻئي پار
سڪائڻ لئه، نٿين مٿ جان سمي ڇو ٿو؟

سيئي کن ٿا هوائن جي قدم اوسي
کوهن جي ٿي جهڪڻ لئي پوءِ کلي ڇو ٿو؟

نه هن جي ٻڍڙي لئي چرچا ڪري کل دوست،
نه ٿو سمجهين، هوُ نوڙي کان ٻچي ڇو ٿو؟

يقين ٿس ٿوڪ کان مان ٻاز ايندس ڪين
ٿو گڏجي سڀ سان، پر مون سان ملي ڇو ٿو

٣٤

ڇو تو سوچين نہ اُن لي سوچين ھان
پنھنجي جيءَ ذھن کي نہ رھنديون ھان

ڪاش، تون مون کي پنھنجو سمجھين ھان
رنج غم دل جو مون سان ونڊين ھان

پنھنجي رنجش جو ذڪر سڀ سان ڪيئہ
ڪو پيو حل حسين ڇونڊين ھان

يار! پيش آئين تون نہ يار طرح
ڳنڍي قربت جي لئين نہ ڇوڙين ھان

نہ رھي ھان سفر جو تڪ ۽ اڄ
جي محبت جي چانڊو بخشين ھان

ھن چمن مان تون ويندي ويندي ڪمل
ڪا مھڪ پوکي ٻاٽ موڪلين ھان

ڊائريءَ جا ورق

- روشنائي ئي
سرور بخش ناهي
اونداهه ۾ ڀي
هڪ خمار آهي
مگر
اهو منحصر آهي ڏسندڙ تي
ڪي روشني نوش ڪري
ڪي اونداهه ڀي
جهومندا آهن
لهرائيندا آهن.

- ننڊ جي سلطنت هئي
منهنجا خواب شهزادا هئا!
سرهي فضا هئي
اهو سڀ ئي هئو
جيسين
منهنجون اکيون ننڊ هيون.

- منهنجي تنهائيءَ جي پناهه ۾
اداسائي آهي
يا
اداسائيءَ جي پناهه ۾ تنهائي؟

٣٦

وڇڙجي مليا ڪين راڄا ۽ راڻي
ٽڪي ٽڪ جو ڏڳ، سمهي پئي ڪهاڻي

زماني جي قصن ۾ آنسون لهو جا
۽ ٽهڪ جي فساني ۾ آ صرف پاڻي

اسان جو ڪٽيل داڻ پي پيا کٽي ويا
اسين ٿياسين سادا، ۽ دنيا سياڻي

اميدن جا سپ ڪوهه ڪوئي ٽڪس مان
مگر هر هنڌان ٽڪنو ٻارو ٿئي پاڻي

نه ٽڙيو گهٽو، صبر ڪريو مان لهان ٿو
زمين ٿائين پهتي نه آڪاش واڻي

وري اڄ فضا ۾ غزل جي اُنهي گونج
وري سار ٽهڪ جيءَ ڪمل ٽڪ ٽاڻي

● ايندي مان ڦٽندي ٿي
چوزي ٻانگ ڏني
۽ اعلان ڪيو
جي مان ٻانگ نه ڏيندس
ته سج نه اڀرندو
" اهي مرغيون ٻل مرڪن
جي اهڙا ٻيدا لاهن."

● سالن کان پوءِ،
توسان مليس
ائين ٿو لڳي - جڻ
ورهيه اڳ پڙهيل ڪتاب
وري پڙهي رهيو آهيان - مگر
ساڳيو هوندي به،
ساڳيو نٿو لڳي.

● ڏاڍو دير سان تو پنهنجي واقفيت ڏني
ڏاڍو دير سان توسان شناسائي ٿي
اي زندگي
جيءُ پري توسان گفتگو ڪرڻ جي،
تمنا رهجي وئي.

● مان
جن ماڻهن مان گڏ رهيو آهيان
جي ماڻهو مون مان گڏ رهيا آهن
اُهي ٻه آهن –
پهريان – منهنجي ڊائريءَ ۾
ٻيان – احساس جي ورقن ۾.

● هجوم ۾ هئس،
شور ۽ غل ۾ هئس
ڏاڍو خوش ۽ بي فڪر هئس
هيڪلائيءَ ۾
ائين لڳي ٿو –
ڪٿي ڪوئي مون کان اڳي
مون تي نظر ڄمائي ويٺو آهي.

● لوڪي،
لوڪان جدا ڪندڙ
صرف پيار آهي
پيار کي،
آرام بخش عذاب پڻ چيو ويو آهي
اَن آرام بخش عذاب پڻ تلاش کي
ديوانگي سڏيو ويو آهي
اَن ديوانگيءَ جا
داناهه پڻ ديوانا آهن.

● تون
ڪڏهن منهنجيءَ جاءِ جو مزو ماڻ
مان
ڪڏهن تنهنجيءَ
ذهن جو نشو ڪريان.

● مان — اڇايل پاڻ آهيان
يا
اڄ منهنجي پاڻ ۾ آهي
نہ — هيءَ ساڳي ڳالهہ ناهي
تون سمجهي نٿو سگهين
يا
مان سمجهائي نٿو سگهان.

● غضب جو هنر اٿس
اکين وارن کي انڌو ڪرڻ جو
اکين وارا انڌا
ڪيس هر مڇ تي براجمان ڪندا آهن
سنڌس هر وچن گرهڻ ڪندا آهن
۽ هن، قوم جي غيرت جي رسيلي پلجندڙ جڙ کي،
قوم جي تهذيب ۽ سڀيتا جو رکوالو سڏيندا آهن!
غضب جو هنر اٿس
اکين وارن کي ......

- منهنجي سوالن کي ٻڌڻ ٿي وڃو آهي — ، ته
تو اٿا — ڪڇي نه سگهندا
منهنجا پنهنجا لوڪ
اُن کي ديوانگي سڏي، مون تي کلن ٿا ،
اي شاعري
ڪهڙي جنم جو بدلو چڪائي رهي آهين؟

- آنـدر جي خاموشي
ٻاهرين شور جي پيدائش آهي
اَندر جو ڪنڊهرپڻو —
ٻاهرين رونق جو باعث آهي
سوچ جي ناڪامي
ٻين ٻين وهڪارن جي ٽڪراءُ جو نتيجو آهي.

- اِن لمحا ۾ نٿو اچان
ته — تون منهنجو هم زبان ٿي
جلان ٿو اُن آس ۾
تون — منهنجي زبان سمجهين.

- رنگ نه — ليڪن
سرهاڻ نيائيندي آهي
سڪل گل جي پنکڙيءَ کي سنگهي ڏس.

ڏسين ٿو
جيءَ لاءِ وکر جون
ٻڙڪون کڻي رستي تي وهندا هئا
تن جا دڪان اڄ،
آسمان ڇهي رهيا آهن."

ڇا ڇا نه سهڻو پوي ٿو

اکيون کولڻ سان،
ديد نه ملندي آهي
چشمو پائڻ سان
پڙهڻ نه ايندو آهي
قلم جهلڻ سان
لکڻ نه ايندو آهي
خواب ڏسڻ سان
منزل نه ملندي آهي
ساهه کڻڻ سان
جيئڻ نه ايندو آهي
۽ جيئڻ لاءِ
معزز موت پائي نه سگهبو آهي
آدميءَ کي -
انسانيت جي ماڳ تي رسڻ لاءِ
انيڪ مشڪلاتن جي شعلن مان گذرڻو پوي ٿو
کاري سمنڊ جي آب کي

نئين ڪويتا

اڄ ڇو نه ....

اڄ ڇو نه ڇمڪي ھن جو چھرو
گھڻيءَ ڪشمڪش ۽ ردوبدل بعد
ھن دشمن کي مات ڏني آھي
۽ ڇھري جي، ھر ڪرڀس ماري
پريس ڪيل لباس پھرايو آھي
۽ اندر جي،
گھوريءَ، گھنگھيل رات جي چادر کي
ويڙھي ھڪ ڪنڊ ۾ اڇلي ڇڏيو آھي،
ڪو رومڪڻ وارو ڪونھي
ڪو ٽوڪڻ وارو ڪونھي
ڪو شرمائڻ وارو ڪونھي، ھن کي- زور ڀريي ٿو -
"ھل- نه اڄ، ضمير جي فروخ ۽ خريد جي
بازار جو سير ڪريون
گھڻن ھنڌ **Sale** لڳل ھوندو
جي سستو ملي نه خريد ڪريون
۽ جي اگھه سٺو ملي نه،
پنھنجو ھيءُ وکر وڪڻون"
حجت ھلائي ٿو-
" اڙي — ڇا ٿو سوچين؟ اڄ
گھڻن اڳن نه ڪيو آھي ڇا ؟

مقصد ۽ راهه ۾ ڏارون آهن
هيءَ ڏسي هڪ ٻاسي ٿو
نظر ٻئي پار ڪري ٿو
نظر نظاري ۾ ڏارون آهن
هن جو ساڄو هٿ جوڙڻ ٿو چاهي
۽ کاٻو ٽوڙڻ
هن جو هڪ پير —
ڪنهنکي بچائڻ لاءِ وڌي ٿو
ٻيو — لتاڙڻ لاءِ کڄي ٿو
هن جي زبان — چوي هڪ ڳالهه ٿي
شبد اَرٿ ٻيو ٿا رکن
اَڄ — هن جي هر انگ ۾ ڏار آهي
سالميت جي پوش ۾ —
هيءَ ڏارن جو مجسمو آهي
ڪنهن يگ ۾ هيءَ سالم رهيو هوندو
مگر اَڄ —
ننڍيءَ دنيا جو وڏو آدمي
ڏارون ڏارون آهي.

هر شخص کي

هر شخص کي
پنهنجي هڪ دنيا ٿيندي آهي
اُن دنيا ۾

مٺو جهڙو اڻڄاڻ لاءِ
ڪٿان ڪٿان گذرڻو پوي ٿو
ڇا ڇا نہ سهڻو پوي ٿو.

ڏارون

دنيا ننڍي ٿي وئي آهي
آدمي وڏو ٿي ويو آهي
گهر جي آڱڻ ۾ ٻاريل چٽنگائي ليمپ جي روشني
گهڙيءَ ۾ ٻهڪي ٿي
گهڙيءَ مان ٻاريل ڦٽاڪي جو آواز
شهر ۾ گونجي ٿو
شهر ۾ قاتل بم جو ٺڪاءُ
علائقي ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو
ملڪ ۾ ڪيل ڌماڪي جو ڌڪو
سڄي وشو ۾ وڃي ٿو
دنيا ننڍي ٿي وئي آهي
آدمي وڏو ٿي ويو آهي
اَڄ —
هنجو دماغ ويڪرو - دل سوڙهي ٿي وئي آهي
هيءُ سوچي ڪجهه اور ٿو
ڪري ڪجهه اور ٿو
ارادي ۽ عمل ۾ ڏارون آهن
هيءُ - هلي هڪ طرف ٿو
وڃي ٻئي طرف ٿو

جو ٽنهنڊڙي وسيهه کي چوٽ رسندي
مگر
وڪاميلن ڇڳن ڀلن جي
منهن تي مرڪ وري ايندي
۽ هڪ ٻئي کي نهارڻ ۾ چوندا
”ڙ ٺٺ ـــ کلهه ٽائين ڇا ٿي ڇپائين.“

ننڊ ٻيڻي رهي

ننڊ ايڻي رهي
خواب اکيان نڪري ويا
سمنڊ ٽميل رهيو
لهرون اکيان وڌي ويون
سور ـــ سر سبز رهيا
زخم ـ خنجر جي سياه ٿي ويا
درخت ايئنا رهيا
هوائون گذرنديون ويون
غبار اوچو ٿيندو ويو
قافلو هڪ هنڌ ايئنو رهيو
زندگي ـ وک اکيان نه وڌي
۽ عمر چڙهندي وئي.

هن جو هڪ مڪان ٺهيل آهي
اُن مڪان ۾
هڪ خاص ڪمرو آهي
ڇو-
هن جو جهان آهي
جتي لڪاتيءَ جو جهان روشن آهي
جنهن جي روشنائيءَ ۾
هوُ-
ٻئي ڪيل آهي
ء- ڪورا پيا لکندو آهي
هتي اچي
هوُ-
پنهنجي روح سان گفتگو ڪندو آهي.

مون کان ڇڏيا ويا

مون کان ڇڏيا ويا
جن جي اڏو مان ڪجهه ناهيان
سي پئي وڪامجي ويا آهن
نه چاهه مان ڪن منهنجا مجبورين جي هٿان
ڪنهن خريدار جي کيسي جي
اونده نه چڪيندس؟
مون کي ڏک ٿيندو
شايد مون کان وڏڪ لوڪي

مون وٽ ڪيترا سبب آهن
توکان دور رهڻ جا
مون وٽ ڪيترا وجهه آهن
تنهنجي قريب اچڻ جا
ٻڌين –
تو وٽ ئي اهڙائي احساس هوندا
مون ساٿ
اسين ڪنهن ٻي حصي ۾ پورڻ ناهيون
نه پورڻ گهٽڻ ۾ آهيون
نه پورڻ اوگهٽڻ ۾ آهيون
نه مڪمل – چاهت ۾ آهيون
نه مڪمل – حقارت ۾
انسان کي –
ڪڏهن ٻي – ڪنهن ٻي، ٻگ ۾
ڪنهن احساس جي پورتا نه ملي آهي
سدائين – ان ۾ ڪا کاٽ رهي آهي
اسين اصل کان – اڻ پورا آهيون
ان ٻائيت – اُن ئي صورت ۾
هڪ ٻئي کي قبول ڪرڻ لئي مجبور آهيون

لفظ

لفظ ٻڌي
روح جيان ٿين ٿا
جن کي
نہ ماري سگهجي ٿو- نہ ٻوڙي سگهجو ٿو -
نہ ساڙي سگهجي ٿو
ها - فرق صرف اهو آهي
تہ آتما - ديهہ جي قيد مان آزادي پائي
غائب ٿي وڃي ٿي
۽ لفظ، وقت جي کڏ ۾
پوريا وڃن ٿا
اهڙن پوريل لفظن جي دردشا جي
چنتا کان ٻيڙجي
مون انهن کي اتان ٻاهر ڪڍڻ چاهيو
پهرين هڪ لفظ جي کڏ کوٽي
مون هٿ وڌائي،
جيئن ٻاهر ڪڍڻ جو جتن ڪيو
هن هٿ جوڙي آکيو
"مون ۾ سگهہ ڪونهي.
وري اوئجي ڪنو ٿيڻ جي
مان جتي آهيان
اتي ئي رهڻ ڏيو م"
ٻئي لفظ کي
ٻاهر ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻڻ جو جتن ڪم
نہ ورائيائين-

— جي ڊوري جو ڌاڳو گهرو ٿيو
ته ٻه - تون منهنجي خيال ۾ وسندو رهندين
۽ تنهنجي فڪر جو سايو -
سدا مون تي ڇانيو رهندو
— تنهنجي اَصليت کي هميشه ڌيان ۾ رکندس

جهٽ وراڻيائين
"مان ٻنهنجن شرطن تي
ٻـاهر اچڻ چاهيندس
۽ نه تنهنجن شرطن تي"
مون چپ چاپ جتي هئو
آئي اُن کي پوري ڇڏيو
ڀلا - اَڄ جي آدميءَ لاءِ -
ظاهري شان مان سان زنده رهڻ لاءِ
" اِنسانيت " جي هن شرطن کي
قبول ڪرڻ ممڪن آهي؟

حويلي

هيءُ اِنساني جسم
هڪ مڪان ڪونهي
هڪ حويلي آهي
جنهن ۾ ڪيترا گهر
هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن
جن جا رهواسي

سڀاڻ ۽ سوچ ۾ هڪ ٻئي کان الڳ آهن
جدا جدا چلهه آهي هنن جي-
ڪي سنگدل - وحشي- آتش ۽ شعلا پسند،
ڪي رحم دل - ديا جا حامي،
ڇانئو - شانت ۽ صلح پرست،
ڪي دل جي اُمنگن جا قائل
ڪي ذهن طرف جهڪيل آهن
ان ڪارڻ —
اندران هر شخص ٽڪراون سبب ٽٽل ۽ ڀڳو ٿيل آهي
۽ اندر جي دونهي ۽ ٻاهين ۾ ٻوسائيل ۽ لهسايل رهي ٿو
گرچ - ڪيترن طرح جي دٻاون، ضرورتن
هر شخص کي -
منهن تي مرڪ سجائڻ جو سانگ رچڻ
تي مجبور ٿو ڪري-
هي انساني جسم
هڪ مڪان ڪونهي - مگر
هنگامي ٻرور حويلي آهي.

مجبوري

مون وٽ ڪيترا ڪارڻ آهن
توسان نفرت ڪرڻ جا
مون وٽ ڪيترا دليل آهن
توکي پيار ڪرڻ جا

خزان ۾ ......

خزان ۾ ڪلهندڙ گل
بهارن جي هوائن جي خوشبوءِ لاءِ سڪندا آهن
وڻن جون شاخون
ڪپڙا لاهڻ ۾ شرمائينديون ناهن

اگهاڙا درخت- چپ چاپ
پنهنجي شڪست قبول ڪندا
۽ ڳنڀيرتا سان آسمان تڪيندا آهن
آرسيءَ جي ڪا موسم نه ٿيندي آهي
عڪس جي رت ٿي- اُن جي رتائي ٿي
وقت جي ڌارا ۾ وهندڙ عمر
يادن جو ڪهر تڪيندي آهي
پرندا نوان راڳ سکي-
نوان وڻ تلاشيندا آهن

دل جي ڌڙڪن جي ڪشتي- منزل ڪان اي نيار
لڙهندي ويندي آهي-
مندرن جي ٻولڙا- اگربتين سان نه ٻهڪندي آهي

چندن ۽ ڪافور جو واس - آرتي ۽ گهنڊ
ڀڳوان جي ننڊ ۾ وگهن نه وجهندو آهي
۽ نه سمي ڪي سڏي ٻاري سگهندا آهن
جسم اَندر جي انگن جي ڀاڻ ۾ قوت ڪي
گهڻو وقت لڪائي نه سگهندو آهي
لکي اُس -
زندگي پيرن جي آجيان ڪندي آهي

”ڪهڙي جنم جو ٿا بدلو وٺو؟
مون ڇا بگاڙيو آهي توهان جو؟
ڇو مون کي وري ذليل ڪرڻ جو سوچيو اٿو“
ٽنهين لفظ کي مٽي آڻڻ گهرجي
نه شوخ ٿي چوائين
اَڄا زماني جي دل نه ڀري آهي
منهنجي ”خوشبوءِ کي ڪريدار ڪرڻ مان؟“
انهن — ٻور ٻڌن لفظن
پنهنجيءَ جاءِ تان چرڻ جي نه ڪئي
هڪ لفظ
تيار ٿيو ٻاهر اچڻ لاءِ
مگر - ڪن شرطن تي
— مون سان تون زندگيءَ ڀر نڀائيندين
— مون کي ڪڏهن پاڻ کان جدا نه ڪندين
— مون تي،
پنهنجي ٽهين لشر ڀڃ ٿڦي،
پنهنجا مطلب سڌ نه ڪندين
— منهنجي اصليت سان هٿ چراند نه ڪندين
— مون کي پنهنجو ٻردو ٻڻائي-
منهنجي نانءَ تي،
ڍونگ، تماشا ڪري،
پنهنجو شان مان نه ڪمائيندين-
مان پاڻ ٻلڪ سوچ ۾ رهي ٿوءِ وراٽيو
— مان توسان سدا ساڻ رهندس-
— جي دور ويس- نه نظر کان ٻري نه ڪندس

هڪ احساس

هڪ احساس
سدائين ساڻ رهي ٿو مون سان
اَدرشيه - اَڇُتو - اَنام
ڪو ٻي لفظن جو ٻَهراڻ
هن لئي پورو ٺهڪي نٿو اچي
ٻيا - تمام سوڙهو
ٻيا ۽ نهايت گهرگهلو ٿئي ٿو
هيءُ - نہ معشوق جي لبن جيان نازڪيءَ وانگر آهي
نہ عشق جيان ڳُوڙهو پُرُ آهي*
نہ دونهون آهي جو دم گهٽي ٿو
نہ شعلو آهي، جو لهسائي ٿو
هيءُ هڪ اهڙو پاڇو آهي
جو اوندهہ ۾ ٻي ساڻ رهي ٿو
ڪنهن بہ رنگ روپ سان
هن کي منسوب نٿو ڪري سگهي
ڪنهن بہ خوشبوءِ سان
هن جو ربط نٿو جوڙي سگهجي
هيءُ احساس جو مون ۾ رهي ٿو
مان ۽
ان جو وجود آهيان
ٻيا
هيءُ منهنجو وجود آهي؟
ٻيا
اَسين ٻہ - هڪ آهيون
ٻيا
مان هڪ - ٻہ آهيان؟

* مير تقي مير

شام - رنگين اُداسين جون چادرون اوڇينديون آهي
ستارن جي چمڪ جي صراحي مان
ٽِمڪندڙ نور جو شراب پيئڻ جي لاءِ آهي
گهٽائون پَٽيندا آهن - مگر
خماريا ڪي چند ئي آهن
خواب جي سڏن ڪي،
نند اوناڻيندي ناهي
پيو ڪو رستو ڳولهي -
ان ڪي رهائڻ جو.

جن وٽ .....

جن وٽ
ڪجھ چوڻ لاءِ نہ هوندو آهي،
سي،
ڪوڙيڙي وانگر
لفظن جو جار وڇائيندا آهن
جنهن ۾
چڱا ڀلا عالم ٻڌي
ڦاسي پوندا آهن
۽ اُن جار کي
هڪ اعليٰ خيال تسليم ڪندا آهن
۽ انهن
ڪجھ نہ چوندڙ کي
گهڻو ڪجھ چوڻ جو - داد ڏيندا آهن.

صحيح رستو ڳولڻ
اوکو ٿي نہ — پر
خطرناڪ پڻ آهي
ناڪامي - نراسائي - اڪيلائي - وڳاڙپڻو،
اي ڇڏي، ٿڪاوٽ
هن دڳہ جي موڙ کي حرفت سان
منزل مهارائي
اِن فريبيءَ جو آفيم چٽائي
وهاري ڇڏيندي آهي
وري — اُن نشي کان پاڻ ڇڏائي
هوش ۾ اَچي سنڀالڻ ۾
هڪ عرصو لڳي ويندو آهي
ڪي،
نہ هوش ۾ اچڻ کان اڳہ ٿي
هتان اُٿي ويندا آهن
۽ ڪن جو سنڀالجڻ بعد
پنڌ ڪندي راهہ ۾ ئي
دم ٽٽي پوندو آهي
۽ جي ماڳہ تي پهچي
پاڻ پائيندا آهن
۽ اُن سچہ کي کوليندا آهن،
حقيقت پو ليندا آهن
هيءُ جڳہ
اُنهن کي ديوانو سڏيندو آهي.

خواب ۽ ننڊ

خراش بخش خوابن جي رهڻن،
اُهي اکيون چونڊي رکيون آهن
جتي
پنهنجو آشيانو اڏ ٻنديون.
ننڊ کي
سنڌن سازش جي
اَلائي ڪٿان، ڪٿان سٽڪ پئجي وئي
هوائن کي ڪن ٿي نہ - وات پئي آهي
خوابن جي اُبهرائي، غير ذميوار گفتار
اُنهن جو راز، فاش ڪيو ٿو ڏسجي
ننڊ - ناجائز ڪرڻ -
اي بنياد خوفن جي سهاري
خوابن کي ننڊ جي علائقي کان،
اَڃا تائين دور رکيو آهي
ماحول ۾ تناءُ آهي-
پر- حالتون ظاهري هيٺ آهن.

هڪ عمر گپندي آهي

هڪ عمر گپندي آهي
پل کي
پار تائين پهچڻ ۾
دوريءَ جي ڏنڊ پرايي جهنگل مان

اداسيون، سنائي جي چادر وڙهي ليٽيون آهن
پرندن جي گهرن وڻن کان اڳ،
موٽر ڪارن جو شور —
پره ڦٽڻ جو اعلان ڪندو آهي
۽ شهر جاڳندو آهي
تباهه ڪن ڌماڪا-اتهاس جا پاڙهيل آهن
ساڳي وڳي ۽ ساڳي چال سان نه هلندا آهن
نه ساڳيءَ راهه تي گامزن ٿيندا آهن
گرچ — سندن منزل / ماڳ، ساڳيوئي هوندو آهي.

اسين دانشور

اسان کي
نه پنهنجن پيرن تي ويساهه آهي
نه پنهنجن پنکن تي
پوءِ ٻئي گڏجي
هاڻ جون ڳالهيون ڪندا آهيون
اڄ جون ڳالهيون ڪندا آهيون
اسين،
انهن ڪانئرن نادانن مان ناهيون
جي خود،
پنهنجي همت سان،
پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي
رودن ڪندا آهن
اسين،

درد جي ٻوءِ

مايوسيءَ کي ھڻ
مرڪ جي صليب تي چاڙھي ڇڏيو آھي
اداسين کي ھڻ،
ٿڪن جي چونڪ تي
زور سان ٽنڪا ھڻيا آھن
نا اميدن کي
اُن وڻ تي لٽڪايو اٿس
جنھن 1857 ۾ باغي سپاھين کي لٽڪايو ويو ھئو
ھوُ
ڪنڌ مٿي کڻي،
دائم ٺوڪيءَ جيان
ٺڪر سان گھمندو آھي
مگر، ڪي نادان، ٻوءِ ٻڌي چون ٿا
ھنجي اکين مان
درد جي ٻوءِ ٿي اچي!

اِتھاس جا ٻاڙھيل

رات جي ٻوٽيءَ ھڏڪيءَ سان
چوڪيدار جي ننڊ جوان ٿئي ٿي
حادثن ۾ خوشبوءِ نہ ايندي آھي
خوشبوءِ حادثو آھي
ٻسيءَ گھٽيءَ ۾ اونده سمھي آھي

هوءِ هوءِ

منهنجي ٽهڪن جا پکندا اُڏي
اچي کپريءَ کان، اُن درخت تي وڃي ويٺا
جنهن جي شاخن تي ڪانوَن جا آکيرا هئا
هيءَ ڪارا - ڏاڍا ڪٽرپڻي ٿيندا آهن
اُنهن وڻن جي ڇانوَ پيي - جنهن تي سندن آکيرا ٺهين ٿا
ڪنهن پئي کي نه سهندا آهن
منهنجن ٽهڪن، ڪلهي ڪلهي
ڪين پنهنجي اِي ضرر هئڻ جو
يقين ڏيارڻ جو جتن ڪيو - مگر
"ڪان ڪان" جي گونج وڌندي وئي
ڪارن جا وڳر اچي وڻن تي لٿا
نادانن جي گهڻائيءَ جي،
"هوءِ هوءِ" ۽ شور و غل ۾
داناهن جا پول ڪٿي ٿا ٽڪن
ڪي پل هاٿاپائي ٿي
ڪي ڪارا پر ڪريا
ڪي آواز ٽهڪن جا ڇڻيا
ڪي ڏينهن - اُن تي
اخبارن جي سرخين جا وارا ڪيا
۽ پوءِ
ٽهڪ هوا ٿي ويا
۽ ڪانوَ
درختن جي شاخن تي
نقش جيان ڄمي ويٺا.

اُنهن جوڌن، دانشورن مان آهيون
جي، ڪهاڙيءَ تي ٻير هڻندا آهن
۽ ٻلند انداز ۾ آکيندا آهن
" اسان جو جگر ڏسو
اسان جي جرات ڏسو"
اسين اهي حوصليدار، آشاوادي آهيون،
جن ڪٽي ٻيرا
ٻنهنجي لوليءَ کي ليڙن مان ڪڍي
سينگاريل آرٿيءَ تي رکيو آهي،
اَسان جي همت جو ڪير نٿو داد ڏئي؟
آرٿيءَ سان گڏ هلندڙ هجوم
عزت ۽ جوش سان
نعرا لما لهجي ۾
وڏي واڪي دهرائيندا رهندا آهن
" اَمر رهن — چار ڪانڌي
اَمر رهن — چار ڪانڌي"
شمشان جي وڃهو ٻهچي
وري احترام سان
لوليءَ کي ٻيهر
ساڳي جاءِ تي آڻي رکندا آهيون
۽ دل جي شڪ جي ٻهاڙ تي
ٻير رکي
يقين سان اعلان ڪندا آهيون
"هيءَ ڪڏهن ب، مرڻ جي ناهي."

زندگي

زندگي
مون کان اوور ٽائيم ڪرائي رهي آهي
مون کي مُنهنجي وت کان وڌيڪ ڊوڙائي رهي آهي
دل کان لکين ڌڪ ڌڪ ڪرائي چڪي آهي
ڪئي لٽر خون جا ڦيرائي چڪي آهي
تيز رفتار سان ڦڦڙن جي ڌمڻيءَ سان
خراب هوا ڦوڪائي چڪي آهي
بي شمار لفظ لکارائي چڪي آهي
۽ هيئنر،
جسم جي هر انگ ۾ ڪمي اخشي
ان جي پورتتا جي نعمت جو احساس ڏياري رهي آهي
اَڄ زندگي،
سڄي جيان،
ڏنگائيءَ جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي وئي آهي.

فيصلو

ڏهڙو ٿي پڳو
گهڙو ٿي لڪو
گهڙيون ٿي گوهيون ڏنائين
مگر اداسيءَ
هنجي تنهائيءَ جي حويليءَ ۾ گسي

موسمي اداسائي

چانڊاڻ جي قياس جوڳي حالت آهي
چنڊ کي، دريا، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ تي ڪمر ڪشي آهي
لهرون – ڪنارن جي صلاح کي
ٻڌ و اڻ ٻڌو ڪري واپس
هلي وڃن ٿيون
ٻوُسٽ جو اهو عالم آهي، جو
هوا ٻي وڇڙو هٽي رهي آهي
درختن کي،
هلڪي ٻڙ ٻڙ ڪرڻ جي سگهه ڪانهي
پرندا – پراڻا گيت ڳائيندا،
نـوان وڻ وسائي رهيا آهن
مگر تون — نراس نہ ٿي
ماحول ۾ ڇانيل هيءَ
موسمي اداسائي آهي
گرچ – هر هر ڦيرو ڪندي آهي
۽ گهڻو وقت ٽڪندي آهي
مگر — آهي موسمي هيءَ
وقت جي ورهاڱي جهان
دائمي ڪانهي.

آهي ساڳائيءَ جي ڳڻتي هڙ سر ٿي رکي
ڳڻين قدمن سان چڙهيا ڦريا پئي
ڪي - اي حد حساس دل وارا
موسم جي اِي ڪيفيءَ جي سوچ ۾
خزاند اگهاڙين شاخن وانگر
لباس طلب نگاهن سان-
ڪڏهن ننگي آسمان ڏي،
ته ڪڏهن زمين جي اِي وسيءَ کي
دک پريءَ حيرانيءَ سان تڪي رهيا هئا
هرڪو پنهنجي پنهنجي رنگ ڍنگ سان غمگين
ڪي آشاوادي
ايندڙ خوشگوار رت جي يقين سان
مسڪراهٽن سان منهن سجائي
هٿ هٿ مرڪون اڇلي-
پنهنجي وجود کي زنده هئڻ جي
خاطري ڏئي رهيا هئا
ڪن نراشاوادين
ڪانيون ڪانيون ٿي ڪرڻ کي
اي معنيٰ نٿي سمجهو
هر طرح جي رنگن، روپن جي پوشاڪن
بازار ۾ چهل پهل هئي-
شهر جي جهنگل ۾
درخت
سفر ڪري رهيا هئا.

مرڪن ۽ ٽهڪن جي پهرين‌دارن کي چڪمو ڏ
هن کي ڳولهي- زندگيءَ جي ڪٽهري ۾ ڪڙو
منهنجي گناهن جا،
چشم ديد گواهه سامهون ڪيا
هوُ - پنهنجن دانستہ نادانين سان
چشم چار ڪري نہ سگهيو
سندس پڇتاون جي دلين ۾ ڪو دم نظر نہ آيو
هن، نظر ۽ زبان لڳي
مات جي مهر هڻي ڇڏي
ليادڻش،
فيصلي جي تاريخ مقرر ڪئي
وقت جي شراڪي مرڪ مان
سرڪاري وڪيل جي جيت جي اوءِ پڌي آئي
اُن فيصلي جي ڏينهن
ڪيترا جشن ملهائيندا -
هن جي هار لئي.

شهر جي رونق

بازار ۾ چهل پهل هئي -
گهڻن جي مهانبن جي وٽن لئي
بهڪندڙ مرڪن‌جون وليون چڙهيل هيون
ڪي زرد چهرا هئا - جن لئي
اي باڙي وَل ويڙهيل هئي.

هيءَ - ته ضد آهن -
ته هيءَ منهنجيءَ تنهائيءَ جي ڪوٺ لاءِ ٻڌاريا آهن
ڪوڙا ..... نهت ڪوڙا ڪٿان جا
منهنجي تنهائي تخليقي حسن بخش آهي
ويسهه نٿو اچئو؟ ترسو بطور ثابتي
مان توهان کي منهنجي ڊائري ڏيکاريان
جنهن ۾ — لازوال حسين خيال درج ڪيل آهن
جي سڀ منهنجي تنهائيءَ جي ئي ڏين آهن
پر مون ڪٿي رکي آهي اها ڊائري؟..
ڪجھ ياد نٿو اچي
عمر ويسر جي چادر ۾ ويڙهيو آئم
اهو ته وسري ويو آهي
مان پوڙهو ٿي ويو آهيان
لڳي ٿو
مون سان جڙيل تنهائي به ٻڍي ٿي وئي آهي
۽ اي ڙاسب، پرخوف، خام خيالن کي،
ديد جي جهڪائي ڪارڻ
غلط پڇاڻ ڪري سڏيو آهي
۽ هينئر هيءَ سڀ
منهنجي سوچ جي رت ۾
ادائي جي انداز ۾،
ضيو ڪوڙي محفل مچائي ويٺا آهن
هاڻي ڪين ڪيئن چوان
” معاف ڪجو - منهنجي تنهائيءَ کي
توهان کي ٻڇاڙڻ ۾ ڀل ٿي وئي - ان ڪري ...“
ڇا هوءَ واپس ويندا؟ -

ڪڏهن ڪڏهن

ڪڏهن ڪڏهن،
ٻين کان ڇا
خود پاڻ کان ٻي
ڪي اهڙا سوال پڇڻ کان ڊڄندو آهيان
جي، ديوانگيءَ جا اهڃاڻ لڳندا اٿم
۽ مان—
داناهن جي ظاهري کل کل جي
شڪار ٿيڻ جي ڊپ کان ٽهندو آهيان
مگر
بعضي اوقات
اهڙن ئي سوالن جي پاڇي جون جهلڪون
داناهن جي اکين ۾ —
ٻهڪندڙيون نظر ايندڙيون اٿم.

مان ۽ منهنجي تنهائي

۱ —
مان پنهنجيءَ تنهائيءَ کان تنگ پئي بيزار آهيان
پيو —
ڪن خام خيالن ۽ پورن کان
جي، اول ته مرڪندڙ، ڪيڪاريندڙ
مهانڊن وانگر لڳن ٿا- بعد ۾
منهنجيءَ پوائتي اي زاڄيءَ سان نمودار ٿين ٿا

نادانيءَ جون گهٽيون
ناڪاميابيءَ جون حويليون
خوابن جا صحرا
اداسيءَ جون اسٽيشنون
ٿڪن جي ٻڪل شيشن کي ٻيهي
انڌاليءَ پٿلالي هٿ رکي ڪيم
آخر ۾ - خود کي
"سر سهٽي" جي لهرن ۾ لهرائيندو پاتم
پڻي پيري" * مير "جي شعر جي چادر ۾ ويڙهيل ڏٺم
ٿئين دفعي- پل ۾ پنهنجي مڪمل اڻيل غزل جي
قاتل پني جي ٻرڻ ۾ پيو هوس
مگر - هاڻي
خود کي ڪونڌ ۽ وري نه لهڻ جي ٽپ کان
ايڏو حيران ۽ پريشان نه ٿيندو آهيان
جيئن - پهرين پيري
خود کي ڪوهي وري نه لهڻ جي خوف ۾ دهلجي
ويو هئس
جو،
هاڻي هن جي لکڻ جي مکيه هدفن جي
شناسائي ٿي آئم
۽ يقين ٿي ويو آهي،
تمام مقامن جون روشنائيون ۽ اونداهيون پڻ
الڳ الڳ دڳن جي ڏوڙ ڇاڻي

* مير - اردو جو اعليٰ شاعر

ڪيچ ڪاٺڻ پٺڻ ٻڌا
منهنجي دل جگر جو سواد وٺڻ ٻڌا،
شايد وڃن پيا - مگر
اُهن مهمانن کي
ٻڌا خاطرداريءَ جي
رخصت ڪرڻ سان
منهنجي تنهائي دل ۾ ته نه ڪندي؟
پنهنجي اي عزلي ته نه سمجهندي؟
ڇا - مون ۾ اَڄ سگهه ۽ همت آهي
هن کي اي مانو ڪرڻ جي
جنهن سان گڏ
باقي عمر پيي گڏ گذاري اَلم؟

تلاش

ڳولهڻ جا هزار هنڌ
۽ گم ٿيل جي هڪ جاءِ
مان- بار بار گم ٿيندو رهيو آهيان
۽ - خود کي
ڏاڍو اوکائيءَ سان ڳولهي لهندو آهيان
هڪ دفعي
اَلائي ڪيڏهون ڪنڊون جاچيندو رهيس
ڪيڏانهن ڪيڏانهن نڪري ويس تلاش ۾
پڇتاوُن جون غارون

هن مونجهه مان
نه دل جو پورو پتو پيو
نه دماغ جو ڪو حصو هٿ لڳو
نه دل ملي
نه دماغ مليو
ڪوچ ۾ - سج، چڙهي لهي ويو
نه اڳيان قدم وڌيس
نه قدم پويان ڪڍيم
ايتري ايتري شام ٿي وئي
اَنڌيرو گهرو ٿيندو ويو
نه دل جي دڳ جو نشان مليو
نه دماغ جي راهه جو سراغ
اَڄ ڀٽڪي ويس - اي راهه ٿي ويس
نه دل جو رهيس
نه دماغ جو -

جيسين گڏ آهيون

هت ڏامري رستي جو اَنت ٿيو

پٿرائي دڳ جو آرنڀ
اُن کان پوءِ
ڪب ۽ ڪيترو وارو ڪس آهي
اَصلي زندگيءَ جي نجي ذاتي جهڙو

سوير يا اوير
پنهنجي اصلي مڪان جو،
اچي مقيم ٿيندو ۽ ڏيو ٻاريندو
دل جي،
در ۽ درين مان وري
روشني ايندي.

اڄ پڪي ويس

دل جي راهه تان هلندي هلندي
دماغ جي دڳ تي اچي نڪتس
سڌ ناهي
آلائي ڪنهن وقت، ڪهڙي موڙ تي
هن دڳ تي گام زن ٿيس
۽
هر سوچ جو رنگ ڍنگ بدلجي ويو
هر فڪر
بيدار ٿي، ٻروليءَ جيان اٿي بيٺو
ان الجهاءَ کي سلجهائڻ لاءِ
پنهنجي مقصد کي صحيح رستي تي آڻڻ لاءِ
دل جي ٽڪرن کي
دماغ جي ذرڙن کي الڳ ڪري
ڇنڊي ڇاڻي
اڳيان وڌڻو پيو.
هيءَ جنهن وٽ ويو

ڊائريءَ جا ورق

- هنج ني،
رهندو آهي اڪيلو،
ڪانءُ لاءِ،
ڪاڏي جي ڪمي ڪانهي.

- هر مسيحا جي نصيب ۾،
صليب آهي.
هر صليب جي پاڇي ۾
مسيحا ڪونهي.

- دل
مان تنهنجي پرهڻ جو آواز
ٻڌان ٿو -
مگر ڏسون،
منهنجو قيد ڪٿي ٿي ڏسين.

- آوازن کي جهميندڙ ماٺ
ماٺ کي جهميندڙ آواز.

مون،
ٻئي ماڻيا آهن.
مون،
ٻئي ڀوڳيا آهن.

ٻڪر ڪر،
موم دل سورج جي شڪر ادائي ڪر،
جنهن
اسان جي پيرن لي لڦن جا نقش پسي
اُس جي التجا قبول ڪري
پنهنجو تيز گهٽايو آهي.
اَسان کي منزل ڳولهڻي ناهي
منزل اسان کي ڳولهي لهندي
۽ اُتي- اسان سان زندگي ٻاڪي پائي الوداع ڪندي
اهو مقام —
توکي اڳ، تو حاصل ٿئي، پا مون کي
اُن جو ويچار ڏکيائي آهي
جيسين گڏ آهيون
ڏک رهت ٿي
هلندا هلون.

بس — هلندو هل

چاچيءَ جي حيثيت ۾
مان ٻي شامل هئس اُن جڳ ۾
ڪو ا، چاچي
ٻئي چاچيءَ کان واقف نه هئو
لمحا- سار وچائيندا ٿي رهيا
سيئيءَ سنڌن سر ٿال لي
پنهنجي پنهنجي امڱن جي اڇل لي

شمشان گهاٽ

جڏهن ٻيءِ
شمشان گهاٽ جي وڏي مکيہ گيٽ وٽان
لنگهندو آهيان
مون کي نهاريندو آهي
ٻـر اڄ—
هيءَ گهوري رهيو هئو
لڳم - ڪجهه چوڻ / ڪجهه ٻڌڻ ٿي چاهيائون
و ٻجهو وڃي چيومانس
"مان ايندس"
"سو ته توڻ ايندين ٿي - پر سوچان ٿو
توسان گڏ ، ڇڱن ڪانسواءِ ٻيا گهڻا هوندا؟"
ڪلهي وراڻيومانس-
"گهڻو گوڙ نه هوندو - بلڪل نه
مان سنڌي شاعر آهيان."

● جيڪي،
پنهنجي زندگي ۽ موت لئي،
فڪرمند آهن،
اهي ذهين آهن،
هوشمند آهن.
گهڻن کي ته،
جيئري پنهنجي سرڳواس ٿيڻ جي
سڌ ئي ڪانهي.
(١٩٨٩)

● ٻاهر ٿي
چند چنڊن وجهڻ سان
جي سڪون اُڀرن ٿيون
سي ڪنهن جون آهن؟
پاڙيءَ جون
يا
ٽاڍن جون؟

● لفظ خوشبودار آهن
ليڪن،
جملي مان
بدبوءِ ٿي اچي!
(١٩٩۴)

طرح دار ٽاچ ٽهي رهيا هئا
هيٺوچي هٽندا
ٽاڙجندا - وري سنڀالجي - اڳيان وڌي رهيا هئا
اَچانڪ - ذهن ۾ سوال جي ڪنوڻ کڄي
گهوٽ ڪير آهي؟
هن جو توسان رشتو ڪهڙو آهي؟
هي جاچي تنهنجا ڪير لڳن؟
سوالن جو سيلاب اچي ويو
دل جوانن لاءِ
اوندهه جي درياهه ۾
اَٽ ٽارونءَ جيان-
ٽاڪوڙا هڻڻ لڳي.
خوش فڪر - هڪ جواب کي *ڏکي سامهون ٻها
تون چاچي نه — گهوٽ آهين
منهنجي تصور ،
آهي تمام روپ، رنگ- مسر ڪيا
جي گهوٽ لاءِ لازمي ٿين ٿا
ڪا ڪن ،
دل جهومي اٿي
اَچانڪ - سوال جي دريا اُٿل کاڌي طرف ،،
مان گهوٽ - ته ڪنوار ڪير؟
سان ڪهڙي؟
مان ڪٿي؟

* ڏکي = سينگاري

لطف

درد جو لطف
ٽڙهين آه
چڙهين
ڪو ٻهڙجو ٿي
ٽوڪي،
ٻنيان ڇرو هٽي.
۽
ٽنهنجي وار ڪرڻ جي ٽوس ڪي
حيرت ڳهي وڃي
۽
— ڪن جون

هزارين ٽياسي نگهائون
ٽوڪي گهٽري وڃن
۽ گهاو ٽي
همٿ رکي
ٽون مرڪڻ لي مجبور ٿي وڃين
درد جو لطف
ٽڙهين آه
چڙهين ....

ڪجهه ٿيڻو ضرور آه

ڪجهه ٿيڻو ضرور آه
مگر
اڃا ڪجهه ٿيي ٽٿو

نڌين ڪوئلا

سهون ٿا

ڪوئي ڪنهن کان الڳ ڪونهي
صرف،
مختلف آ.

سڀني جي،
چمڙي ماس ۾
مصالو آ الڳ الڳ.
ذائقو آ جدا جدا،
پر مال ساڳيو آ.

سڀني،
انسان جي شڪل ۾
ڪباب ٿيو
چڙهيا پيا آهيون.

وقت،
جو هٿ ڦيري ٿو
اسين
سڀن جي رک پڪيل
زندگي جي ٿانڌن ۾ لي،
بس بس ڪندا،
سهون ٿا،
سهون ٿا.

لڳي پڳي
ورهائجي چڪو آهيان.
هاڻي،
ٻي آريءَ جي آرت لائين
مندر ۾
صرف گھنڊ وڄندا
پرساد نه ملندو.

ٻه باندر

هڪ باندر
دريا جي شيشي کي ٽٻو هڻي
چنڊ کي
ڪڍي پوري چلڻ جي هام هڻين
ٻئي باندر
پاڻيءَ جو ٻڪ ڀري
چنڊ کي اڇائي وٺڻ جي دعوا ڪئي.
ٻنهي جون اکيون
مٿي نه کڄيون
۽ واس وڃڻجي ويا.
ويسهه جي ميڻاٽن مان
دليلن جون ترارون نڪتيون
مٿي چنڊ مسڪرائيندو رهيو.
هيٺ،
ٻاڦا ٻاڦن ۾ الجهندا رهيا.
اونده گهري ٿيندي وئي.

اسان ڳنڍيل
ٻاروتي ڌاڳي جان
ڇٽگون ڇٽگون
ٿي پون ٿا.
ٻڌل حيات
زبردست "ٺا" جي انتظار ۾
ساهه روڪي
اکيون ٻوري
ڪن ٿي آگريون ڏئي ويٺي آ.
ڇٽگون ڇٽگون ٿي پون ٿا
ڪجهه ٿئي نٿو.
ڪجهه ٿيڻو ضرور آ.
مگر
اڃا ڪجهه ٿئي نٿو.

پرساد

ماڻ،
زندگيءَ جي مندر جو
پرساد آهيان.
هر مجبوريءَ
مون کي عزت ۽ شردّا سان،
پنهنجي گلي اندر اتاريو آهه.
ماڻ،

وڏي دڪان جي
عاليشان شوڪيس ۾ سجايل آهن
ٿ،
شاندار پيڪيج ۾
گراهڪ کي ڏنو ٿو وڃن.
ٿ مال،
ننڍيءَ بازار جي،
ننڍڙي دڪان تان،
رواجي پڙي ۾ ويڙهيو،
خريدار کي وڪيو ٿو وڃان.
ورنا،
آسان جو،
ايڪس فئڪٽري اگهه،
ساڳيو آهي.

خون ۽ هڏي

اول ته خون،
اکين ۾ ايندو ڪونهي.
جي ايندو آهي،
ته پلڪن جون حدون ٽپندو ڪونهي،
جي پلڪن کي اورانگهي پيو آيو
ته،
پٽ تي ڪرندو ڪونهي،
ڳلن تي سڪي ويندو آ.

صلاح

وقت،
صبر جي صلاح ڏني آهي
صبر،
وقت جي،
اُنهن ٻنهي جي وچ ۾
منهنجو وجود
طوفان جي ريت وانگر
ڦهليو ويو آهي
هڪ احساس جو واءُ
هنگي ٻڪيڙي ويو
ٻيو احساس جو واءُ
ڪيس سميٽي هڪ جاءِ ڪندو؟
وقت
صبر جي صلاح ڏني آهي
صبر،
وقت جي.

آگهه

لنهنجيءَ ۽ منهنجيءَ،
قيمت ۾ فرق
صرف اِن ڪري آ
جو لـون،

ڏاڏو، پوٽو

پوٽي پڇيو
ڏاڏي پڇيو کان پڇيو،
بابا،
سمنڊ جو پاڻي کارو ڇو هوندو آهي؟
هڪ ٽنگ لي
سماڌيءَ ۾ ويٺل ڏاڏي
اڳهندڙ مٿيءَ کي،
اک ڇنڀ ۾ جهڙي
ڳڙڪائيندي آکيو:
ابا
جيستائين مٿين زمين اهڙ نه ڪيو آهي،
تيستائين،
سمنڊ جو پاڻي کارو رهندو.

(۱۹۸۹)

جي ڳل،
لتاڙي پيئي آهو،
لهه پٽ لي ڪري،
مٿيءَ سان ملندو ڪونهي،
مٿيءَ کي رنگي ڇڏيندو آ،
جو،
خون اڳي هوءِ خون آ،
ڪنهن جو به هجي،
ڪٿي اهه ڪري.

جلسو

ڪنهن خيال کي سنمان ڏيڻ لاءِ
چند جملا ڳڏ ٿيا..
اُنهن مان،
ڪن معنيٰ جي اندر ڳالهايو
ڪن معنيٰ کان ٻاهر.
ڪن،
خيال جي شان ۾
گهڻيئي ڪوڙ ڳالهايا
ڪن،
ڪوڙ لئي شانائتو ڳالهايو.
جلسو ڪامياب ويو.
جو......
ٻڌندڙ ٻوڙا هئا.

غلط نامو

صفحو نمبر	سٽ نمبر	چُڪ	پڙهو
۴	۷	جس	هس
۷	۳	سبز	سيز
۸	۱-۱۲	تماڪو- جيان	تماڪو هيٺ-جان
۱۰	۵	هزار حيلا	هزار حيلا ڪيو ٻوءِ ۽ فڪر جو..
۱۰	۶	چڙهندو	چڙهندو هئي
۱۶	۱۰	گهٽي ۽	گهٽي ۽ منهن
۱۷	۱۴	ڪوٺ ئي ۽ آچي	ڪوٺ ئي آچي
۳۱	۱۲	ڪڍهن	ڪڍهين
۳۷	۲	ٿو ڻ	ٿو
۴۱	۲	سرور	سرور
۴۶	۱۱	هو	مون کي
۴۸	۸	مان	۽
۵۱	۱۸	وٽ	وٽي
۵۳	۲۳	ورٽيو	ورايو
۵۵	۱۴	او ڪري	ڪيو آهي
۵۸	۲۰	وجهندو آهي	وجهندا آهن
۵۹	۱۶	سگهي	سگهجي
۶۶	۱۹	وقت	وطن
۶۸	۱-۲	چڪمو- ڪڙو	چڪمو ڏئي-ڪڙو-ڪ
۶۹	۵-۱۰	خزاند-غمگ	خزان زد- غمگين
۶۹	۲۰	پوشاڪن	پوشاڪن جي
۷۱	۱	۽ ضد	بضد
۷۷	۱۳-۲۰	بها - طرف ۽	بهارنو - طرف بدل
۸۲	آخر ۾	سهون لا	سهون لا

C-S
22

مون تي بيلطف لِکڻ جي نہ ڏريو ٺُهمتِ
مون کي جڏهن وقت ڇيو، تڏهن ٻي تہ مان لکندو رهيسُ

اکين سان ڏٺم کيل قاتل جو ليکن
گواهي ڏيڻ جي مون همت نہ ساري

نئينءَ رُتِ آ نئون پهراڻ پاتو
ڏسون کهڙا کلائي گل سجي ٿي

سوچي سمجهي هن گهٽيءُ کي نانءُ ڏيو
کي مُعزِزُ تا هتي قاتل رهن.

شهر ۾ هئا، اوچا سپ لوک
مون تلاشيو پئي وڏي کي.

.. ايم کمل

VEENA PUBLICATION
701, Rajiv Apartment,
Ulhasnagar- 421001

Design & Printed by: Ram Lalchandani (Art Spot) Mumbai
Tel: 446 4134 - 446 5972 Fax: 91-022 4455027